SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2013

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2013

# ملڪيت جو ڇهرو بگاڙڻ کان بچاءُ آرڊيننس، 2013

# THE PREVENTION OF DEFACEMENT OF PROPERTY ORDINANCE, 2013

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3.ملڪيت جو ڇهرو بگاڙڻ تي پابندي

Prohibition on defacement of property

4.مليڪت جو ڇهرو بگاڙڻ کان بچاءَ لاءِ ٽاسڪ فورس

Anti_Property Defacement Task Force

5.ملڪيت تي موجود نقص کي هٽائڻ

Removal of existing defacement on property

6.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2013

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2013

## ملڪيت جو چھرو بگاڙڻ کان بچاءُ آرڊيننس، 2013

## THE PREVENTION OF DEFACEMENT OF PROPERTY ORDINANCE, 2013

[26 اپريل 2013]

آرڊيننس جنھن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ملڪيت جو چھرو بگاڙڻ کان بچاءُ ۽ پٽين تي معاملن کي اظھار کان منع ڪيو ويندو؛

تمھيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ملڪيت جو چھرو بگاڙڻ کان بچاءُ ۽ پٽين تي معاملن کي اظھار کان منع ڪرڻ ضروري ٿي پيو آھي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن ھلندڙ نہ آھي ۽ سنڌ جو گورنر مطئن آھي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آھي؛

ھاڻي تنھن ڪري، اسلامي جمھوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر ھيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آھي:

| | |
|---|---|
| 1.(1) هن آرڊيننس کي ملڪيت جو چھرو بگاڙڻ کان بچاءُ آرڊيننس، 2013 سڏيو ويندو.<br>(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.<br>(3)اهو فوري طور لاڳو ڪيو ويندو. | مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات<br>Short title, extent and commencement |
| 2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:<br>(a) ”شيون چنبڙائڻ“ مطلب مالڪ کان اڳواٽ اجازت کانسواءِ ملڪيت تي ڪو پوسٽر، بل، نوٽيس، پلي ڪارڊ يا ٻي ڪا شئي چنبڙائڻ؛<br>(b)”ڏيک بگاڙڻ“ يا ”ڏيک خراب ڪرڻ“ مطلب مالڪ جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ ملڪيت جي ڏيک يا خوبصورتي کي خراب ڪرڻ، مداخلت ڪرڻ يا نقصان پهچائڻ، ڏيک بگاڙڻ، خراب ڪرڻ يا ڊاهڻ ۽ ڪنهن ٻئي معاملي ۾ هيٺين ريت ملڪيت جو ڏيک خراب ڪرڻ:<br>(i) ملڪيت تي لکڻ؛<br>(ii) ملڪيت تي ڪجھ چنبڙائڻ؛ يا<br>(iii) بشمول ڪنهن قدم جي جنهن جي نتيجي ۾ ملڪيت جو ڏيک خراب ٿئي؛ | وصفون<br>Definitions |

(c) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت.

(d) ”ملڪيت“ مطلب ڪا تعمير، عمارت، رنڌڪ، پوسٽ، پول، اڏاوت، متاچرو.

(e) ”لڪت“ مطلب ڪنهن ملڪيت تي چاڪ، پينٽ يا ٻئي ڪنهن طريقي يا مواد سان لکڻ، پينٽنگ، اظهار ڪرڻ يا ڪو معاملو بيان ڪرڻ.

ملڪيت جو چهرو بگاڙڻ تي پابندي
Prohibition on defacement of property

3.(1) ڪو بہ ماڻهو عوام جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪنهن بہ طريقي ڪنهن ملڪيت جو ڏيک خراب نہ ڪندو.

(2) ڪو بہ شخص جنهن ڪي هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏٺو ويو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو پنج هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ ۽ جيڪڏهن ڏوهہ جاري رهي ٿو تہ وڌيڪ ڏنڊ جيڪو هر ڏينهن هڪ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو، جنهن تاريخ کان جوابدار پهريون ڀيرو ڏوهہ ڪرڻ شروع ڪيو هجي.

چوٽ: اهو هن دفعہ تحت ڏوهہ نہ هوندو جيڪڏهن ملڪيت جو مالڪ يا قبضو رکندڙ پاڻ بابت يا پنهنجي واپار بابت ڪي تفصيل بيان ڪري ٿو.

مليڪت جو چهرو بگاڙڻ کان بچاءَ لاءِ ٽاسڪ فورس
Anti_Property

4.(1) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جي پندرنهن ڏينهن جي عرصي اندر، حڪومت ملڪيت جو چهرو بگاڙڻ کان بچاءَ لاءِ ٽاسڪ فورس جوڙيندي، جيڪا چهرو بگاڙڻ جي اهميت ۽ قسم جوڙيندي ۽ لاڳو ڪرڻ جي صلاحيت ۾ واڌاري جا

**Defacement Task Force**

طريقا تجويز ڪندي ۽ ڏيک بگاڙڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻين قانوني ڪوشش جي سروي ڪندي ۽ اهڙن پروگرامن کي نقل ڪرڻ تي غور ڪندي ۽ ملڪيت جو چهرو بگاڙڻ کان بچاءَ جو پروگرام تجويز ڪندي.

(2) ملڪيت جو چهرو بگاڙڻ کان بچاءَ لاءِ ٽاسڪ فورس چيئرپرسن سميت ڇهه ميمبرن تي مشتمل هوندي.

(3) چيئرپرسن ۽ ميمبرز ناليوارا ۽ تجربو رکندڙ هوندا ۽ حڪومت طرفان هيٺين سيڪٽرز مان مقرر ڪيا ويندا:

(a) قانون؛

(b) شهري يا ثقافتي پروجيڪٽس ۾ رڌل سول سوسائٽي آرگنائيزيشن؛

(c) تعليم؛

(d) اليڪٽرانڪ يا پرنٽ ميڊيا؛

(e) واپاري برادري؛

(f) انجنيئرنگ يا آرڪيٽيڪچر.

**ملڪيت تي موجود نقص کي هٽائڻ**
**Removal of existing defacement on property**

5. هن آرڊيننس جي شروعات کان ٽيهن ڏينهن جي عرصي اندر، هر ڪائونسل پنهنجي دائره اختيار اندر سمورين ملڪيتن تان موجود نقص هٽائيندي جيڪي هن آرڊيننس تحت منع ڪيل آهن ۽ اهڙي هٽائڻ تي آيل خرچ اهڙن معاملن لاءِ ذميدار ماڻهن کان اوڳاڙيو ويندو.

| | |
|---|---|
| 6.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**